# سوال ٢

ڪنڊ ڪُڙڇ نه ڪڏهن، سڀ منجهه سجود،
وائي تن جي ذات ۾، هر دم حق موجود،
وحدت جن وجود، "سچلُ" تن جي سامهون.

(مستو مست ملنگ)

## ١. تعارف:

تصوف جي موضوع انساني تاريخ ۾ ڪيترين ئي تضاد پيدا ڪيا آهن. تن جي ڪارڻ ڪيترن ئي ڀيرن، سر ويڙهه ۾ ڪونڌر شخصيتن کي اجل رسيو ڪيو ويو آهي. ڪجهه سولي تي چڙهي سرهيا ته ڪن کي تاريخ جي طاقتن گهاٽي ۾ ڀيڙي امر ڪري ڇڏيو. جڏهن ته ڪجهه شاعرن پنهنجي طبيعت جي مناسبت سان ڪجهه جي ذات ڏهوار ڪئي ۽ باطني طور پيغام جو پرچار ڪندا رهيا. پر سنڌ جي سون ورني ڌرتي کي هڪ اهڙي شاعر تي ناز ۽ فخر آهي جنهن معاشرتي بندشن جي باوجود وحدت الوجودي نظريي جي سدا ڏهڻيءَ ۽ "انا الحق" جو پرچار ڪيو. اها اهڙي شخصيت آهي سنڌ جو حضتي، بي باڪ ۽ مستو مست شاعر: حضرت سچل سرمست

سچل سرمست جو اصل نالو ميان عبدالوهاب هو. سندس ڪلام جي اڻ ٺهه ۽ دليرانه ظاهري اظهار جي ڪري سرمست لقب ڏنو ويو آهي. ڪيس پاڻ منجهان "سچل، سچو ۽ سچيڏنو" ڪوٺيو ويو. جيئن (سچل) سندس سنڌي شاعريءَ جو تخلص پڻ آهي.

# سرمستي جا سرچشما

سچل سرمست جي سرمستي جا سرچشما پهاڙيهي (اوچا) جا ننڍا فارسي شاعر آهن. انهن ۾ حسين بن منصور حلاج، فريدالدين عطار نيشاپوري، شمس تبريز ۽ حافظ شيرازي ~~آهن~~ شامل آهن. ان کانسواءِ، سچو اويسي طريقي جي جو پوئلڳ هئو جنهن جي ذريعي هتي شاعرن سان سندس واسطو پيو.

## سرمستي جا بنيادي عنصر:

### 1. پاڻ ڄاڻڻ جو فلسفو:

سچل سرمست وحدت الوجود جي نظريي جو پرچارڪ هئو. انهن نظريي موجب، خالق ۽ مخلوق هڪ آهي، انهن کي جدا وجود ڪري ڏسڻ جو تصور لاحق آهي. الله ۽ انسان ۾ ڪو فرق نٿا ڪن ڇاڪاڻ انهن کي هڪ ئي هستي جا روپ ڪري ڏسي ٿو، هڪ آواز جو پڙاڏو. سندس ڪلام ۾ اهڙو نظريو عمده فصاحت ۽ بلاغت سان ائين چيو آهي:

الله الله جو ڪرين، پاڻ ئي الله ڄاڻ
سچو سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان

### 2. ڊکيل ڏک:

ڪجهه هنڌن تي، سچو سائين سنڌ جي سورمين کي تشبيه طور پڻ استعمال ۾ آندو آهي.

مثال طور هيئين دوهي ۾ سائين جن انسان جي
اڻ ڄاڻائي ۽ ڇاڇر ۾ جيتري ڳالهائي نروار ڪندي
وحدت الوجود جو فلسفو نمايان ڪيو آهي:

پنهون پنهون ٿي ڪريان، آءٌ پڻ پنهون پاڻ،
اديون ٿيس اڃاڻ، ڪين پروڙيم پاڻ کي.

## 3. اناالحق جي ڪيفيت:

سچو (سارو سچ) انا الحق جي ڪيفيت
هنڌين ماڳين ظاهر ظهور نروار ڪئي آهي.

منصوري هوڄ ۾ تو انا الحق الايان،
وادي ۾ وحدت جي، گهوري سر گهمايان!

## 4. ٻين جي نڪته چيني جي لاپرواهي

سچل سرمست بيو ڪنهن جي پرواهه ڪئي
بنا پنهنجو ڪلام چيو جيڪو سندس بي باڪي
جو اهم عنصر آهي:

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
مان جوئي آهيان سوئي آهيان!

## 5. مولوين سان ڪٽر دشمني

ميان عبدالوهاب جي الاعلان حق سبب
واجب القتل جي فتوي جاري ڪئي وئي. ليڪن انهن ڪلمن
ٻڌڻ تي سچو ملن لاءِ هيٺيان لفظ چيا:

ملان انهيءَ مٽ جو، چکو ڇي چکين،
ڪارڻ ڪٽي ڪنڊ ۾ وينو منهن مکين

6. <u>مذهب جي پيدا ڪيل منجهارن بابت:</u>

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي پيري بزرگي بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن ڪي مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق جي -

## نتيجو:

مٿي ڏنل شاعريءَ جا مثال انهي ڳالهه جا جي شاهدي آهن ته عبدالوهاب سچل سرمست عرف "سچو" ڪهڙو دلير، مستو مست ۽ الاعلان شاعر هئو. انا لسواءِ، جيڪڏهن اهڙي روايت صحيح آهي، سچل سرمست حقيقت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف جي ڪيل اڳڪٿي تي پورو لٿو جنهن چيو هئو "اسان جيڪا ڪني چاڙهي آهي، ان جو ڍڪ هي ڇوڪرو لاهيندو".

سوال :-

(الف)

As rain is related to weather so are tears related feelings. It is easy to differentiate between expected and unexpected rainfalls. But drizzle of eyes is difficult to recognize because a human is simultaneously possessed by a range of emotions. If tears has different colors in accordance with emotions, feelings and torments, the eyes would sometimes weep rainbow tears.

CamScanner

# سؤال

## (ب)

اڄ مونکي احساس ٿيو ته مان هڪ قاتل آهيان، پنهنجي تخليقي قابليت جو. مان هڪ ناڪاس آهيان جنهن پنهنجي معصوم احساس کي بسم ڪري ڇڏيو آهي. مان اُهو بوت آهيان جنهن جمڻ کان پهرين هڪ حسين وجود کي ميساري ڇڏيو. اڄ حادثاتي طور منهنجو هڪ فنڪار سان ٽڪراءُ ٿيو جيڪو منهنجي باطن ۾ سڪونت پذير هوندو ۽ مان يا ته هن کي هڪ ٻي يارو مددگار قيدي ڪري رکيو يا هن کي ۽ سنگدلي سان گهٽي ڇڏيو. مان هڪ فنڪار، شاعر يا افسانا نگار ٿي ٿي سگهيس جيڪڏهن مان پنهنجي دل کي آزاد ڪيان ها يا پنهنجي اندر جي آواز ٻڌان ها. مان پنهنجي پاڻ کان پوشيده رهيم. پر قسمتي مونکي توهان جو ڪتاب " ايهو بهين صدي ۾ محبوت" مليو ۽ ڪجهه افسانا پڙهيا. مان توهان جي ليک مان متاثر ٿيم. ان کان پوءِ مون پاڻ کي منجهيل ۽ حيران جاتو. جو ته مونکي محسوس ٿيو ته ساڳي قابليت مون اندر پڻ آهي، پر مان ڪڏهن ڪنهن موقعي مان فيضياب ٿي پنهنجي دلي اظهار نه ڪيو. جڏهن ته، توهان ۽ توهان جي تخليق مونکي تحرڪ مهيا ڪيو ۽ سجاڳ ڪيو جنهن سان مان پنهنجي داخلي دنيا پرکي.